# نيڪيون لکايو

**23-01-2020**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# نيڪيون لڪايو

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## درود پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيِدُنا عبدُ الرَّحمٰن بن اَحمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (هڪ دفعي غُسل دوران) حَمَّام ۾ ڪِرڻ سبب مون کي هٿن ۾ سخت تڪليف محسوس ٿي رهي هئي، پوءِ منهنجي هٿن ۾ سُوج بہ ٿي پئي، انهيءَ تڪليف جي عالَم ۾ مون کي ننڊ اچي وئي، سُتس تہ خَواب ۾ جنابِ رسالتِ مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ چهرو نظر آيو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي فرمايو: اي منهنجا پٽ! تنهنجي دُرُود مون کي (تو ڏانهن) مُتَوَجّہ ڪيو. صُبح اُٿيس تہ مُصطَفٰي جانِ

رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بَرَڪت سان سُوج ۾ دَرد جو نالو نشان تائين
مٽجي چُڪو هو.(سعادة الدارين،الباب الرابع فيماورد من لطائف ...الخ، ص١٤٠)

یہ مریض مر رہا ہے تِرے ہاتھ میں شِفاء ہے
اے طبیب! جلد آنا مَدَنی مدینے والے
مجھے آفتوں نے گھیرا، ہے مصیبتوں کا ڈیرا
یا نبی مدد کو آنا مدنی مدینے والے

(وسائلِ بخشش مرمّم،ص۴۲۷-۴۲۵)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وِڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوْاالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي ”نيڪيون لڪايو“ هن بيان ۾ نيڪيون لڪائڻ جي متعلق آيتِ قرآني ۽ احاديث مبارڪہ، نيڪيون لڪائڻ جي حوالي سان بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين جي سوچ، نيڪيون لڪائڻ جا فضائل، نيڪيون لڪائڻ جي حوالي سان بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين جا اقوال ۽ واقعا ۽ ٻيا ڪيئي اهم نڪتا هن بيان ۾ اسان ٻڌنداسين. اي ڪاش! اسان کي سڄو بيان سٺين نيتن ۽ مڪمل توجهه سان ٻڌڻ نصيب ٿي وڃي. آمين

## صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جو لڪيل عمل

اميرالمؤمنين حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ رات جي وقت مديني شريف جي ڪنهن علائقي ۾ رهڻ واري هڪ نابينا پوڙهي عورت جا گهريلو ڪم ڪار ڪندا هئا، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان پوڙهي جي لاءِ پاڻي ڀري ايندا هئا ۽ ان جا سيئي ڪم ڪندا هئا. معمول مطابق هڪ ڏينهن پوڙهي جي گهر آيا تہ اهو ڏسي حيران ٿي ويا جو سيئي ڪم ان کان پهريان ئي ڪو ڪري ويو هو. بهرحال ٻئي ڏينهن ٿورو جلدي آيا تڏهن بہ اها ئي صورت حال هئي جو سڀ ڪم پهريان ئي ٿي چڪا هئا. جڏهن بہ ٿي ڏينهن ائين ٿيو تہ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي بيقراري ٿي تہ اهڙو ڪير آهي جيڪو مون کان نيڪين ۾ وڌي وڃي ٿو؟ هڪ ڏينهن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ڏينهن جو ئي اچي ڪري ڪٿي لڪي ويهي رهيا جڏهن رات ٿي تہ ڏٺائون تہ وقت جا خليفا اميرالمؤمنين حضرت ابوبڪرصديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ تشريف ڪٿي آيا ۽ ان نابينا پوڙهي جي گهر جا سمورا ڪم ڪري ورتا. اميرالمؤمنين حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ تمام گهڻا حيران ٿيا تہ وقت جا خليفا هئڻ جي باوجود اهڙي انڪساري! ارشاد فرمايائون: حضرت ابوبڪر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ئي تہ آهن جيڪي مون کان نيڪين ۾ وڌي ويندا آهن. (ڪنزالعمال، ڪتاب الفضائل،باب فضائل الصحابة،فضل الصديق...الخ ،الجزء:١٢، ٦/٢٢١، حديث:٣٥٦٠٢)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اميرالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ وقت جا خليفا هئڻ جي باوجود ان نابينا پوڙهي جي گهر جا ڪم

ڪار پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪندا هئا.

اها بہ خبر پئي تہ اميرالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هن ڳالهہ کي بلڪل پسند نہ ڪندا هئا جو ڪو بيو انهن جي عمل کي ڏسي سندن تعريف ڪري، تڏهن تہ رات جي اونداهيءَ ۾ لڪي ڪري ان نابينا پوڙهي جي گهر جا ڪم ڪار ڪري ويندا هئا.

عطا کردے اخلاص کی مجھ کو نعمت نہ نزدیک آئے ریا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جا نيڪ ٻانها شهرت کي پسند نہ ڪندا هئا جڏهن تہ اسان مان هڪ تعداد آهي جيڪا اهڙو انداز اختيار ڪندي آهي جو ان جي شهرت ٿئي، ان جي مشهوري ٿئي، جڏهن تہ الله وارا پنهنجين عبادتن ۽ نيڪ عملن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، جيئن

## شهرت کان پوءِ مان زنده رهڻ نٿو چاهيان

حضرت علامہ يافعي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ نقل ڪن ٿا تہ: هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هي دعا گهرندا هئا تہ "ياالله! مون کي پنهنجي فضل و ڪرم سان خوب نوار پر مون کي ماڻهن ۾ مشهور نہ ڪر جيئن ماڻهو مون کي نہ سڃاڻن" هڪ رات پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ نماز ۾ گريہ و زاري فرمائي رهيا هئا تہ ڪجهہ ماڻهن ڏٺو تہ انهن جي مٿي تي هڪ نوراني قنديل(فانوس) روشن آهي جنهن جي روشني اکين کي حيران ڪري رهي آهي. صبح پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي بارگاهہ ۾ رات واري ڪرامت جو ذڪر ڪيو ويو تہ اهي بي چين ٿي ويا تہ ماڻهن تي انهن جي عبادت ڇو ظاهر ٿي وئي؟ يڪدم پنهنجا مبارڪ هٿ بارگاهِ الاهي ۾ کنيا ۽ عرض ڪيائين:" اي منهنجا رازدار پروردگار! منهنجو راز تہ ظاهر ٿي چڪو، هاڻي مان هن شهرت کان پوءِ زنده نٿو رهڻ چاهيان." اهو چوندي پنهنجو مٿو سجدي ۾ رکي ورتو. ماڻهن هِلائي ڏٺو تہ هو انتقال ڪري چڪو هو.

(روض الرياحين، الحڪاية الخمسون بعد الثلاث مئة، ص. 288)

## نيڪيون لڪائڻ جو نرالو انداز

حضرت ابو الحسن محمد بن اسلم طُوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجون نيڪيون لڪائڻ جو تمام گهڻو خيال فرمائيندا هئا، ايستائين جو هڪ ڀيري فرمائڻ لڳا: جيڪڏهن منهنجو وس هلي ته عمل لکڻ وارن ٻنهي ملائڪن کان به لکي عبادت ڪريان! حضرت ابو عبدُالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چون ٿا: آئون ويهه سالن کان وڌيڪ عرصو حضرت ابو الحسن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صحبت ۾ رهيس پر جُمعةُ المبارڪ (۽ ٻين فرض ۽ واجبن) کان علاوه ڪڏهن سندن کي ٻه رڪعتون نفل پڙهندي به نه ڏسي سگهيس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻي جو ٿانو کڻي پنهنجي خاص ڪمري ۾ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ اندران دروازو بند ڪري ڇڏيندا هئا. مان ڪڏهن به معلوم نه ڪري سگهيس ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪمري ۾ ڇا ٿا ڪن، ايستائين جو هڪ ڏينهن سندن ننڍڙو زور سان روئڻ لڳو. ۽ ان جي ماءُ کيس چپ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، مون پڇيو: هي ننڍڙو آخر هيترو ڇو روئي رهيو آهي؟ ٻيبي صاحبه فرمايو: هن جا والد يعني حضرت ابوالحسن طوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ قرآن جي تلاوت ڪندا آهن ۽ روئندا آهن ته اِهو به انهن جو آواز ٻڌي روئڻ لڳندو آهي! شيخ ابو عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيِّدُنا ابوالحسن طُوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (ڏيکاءُ جي تباهه ڪارين کان بچڻ جي لاءِ) نيڪيون لڪائڻ جي ايتريقدر ڪوشش فرمائيندا هئا جو پنهنجي ان ڪمري مان عبادت ڪرڻ کان پوءِ ٻاهر نڪرڻ کان پهريان پنهنجو منهن ڌوئي اکين ۾ سرمو لڳائيندا هئا ته جيئن منهن ۽ اکيون ڏسي ڪنهن کي اهو اندازو نه ٿئي ته هي رنا هئا!

(حلية الاولياء، محمد بن اسلم،۲۵۴/۹،رقم:۱۳۸۰۳)

## آدابِ تلاوت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تلاوتِ قرآن ڪندي يا ٻڌندي روئڻ اسان جي بزرگانِ دين جو طريقو بلڪ سنتِ مصطفٰي آهي. حضورڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندي ۽ ٻڌندي وقت ڪڏهن ڪڏهن مبارڪ اکين مان مبارڪ لڙڪ وهائيندا هئا، دورانِ تلاوت جڏهن الله پاڪ جي شان ۽ عظمت، بزرگي ۽ ڪبريائي جو تصور ذهن ۾ رهندو ته روئڻ نصيب ٿيندو. جڏهن اهو تصور قائم ٿيندو ته مان پنهنجي رب ڪريم جي فرمانن کي پڙهي رهيو آهيان ته روئڻ نصيب ٿيندو. جڏهن اهو تصور قائم ٿيندو ته منهنجو رب مون سان هم ڪلام آهي ته روئڻ نصيب ٿيندو. جڏهن قرآنِ ڪريم کي سمجهي ڪري ترجمي ۽ تفسير سان پڙهنداسين ته روئڻ نصيب ٿيندو. جڏهن الله پاڪ جي سخت پڪڙ، قيامت ۽ جهنم جي حالتن تي غور ڪنداسين ته روئڻ نصيب ٿيندو.

روﻧﮯ والی آنکھیں مانگو، رونا سب کا کام نہیں
ذکرِ محبت عام ہے لیکن سوزِ محبت عام نہیں

## حڪايت

حضرت صالح مُري رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون خواب ۾ حضورڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي ته پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پڇيو: اي صالح! هي ته تلاوتِ قرآن آهي روئڻ ڪٿي آهي؟ (احياء العلوم، ۸۳۶/۱)

## نيڪيون لڪائڻ جي فضيلت

**اسان جي هادي ۽ رهبر، محبوبِ اڪبر، مڪي مديني جي تاجور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به اسان کي نيڪيون لڪائڻ جي ترغيب ڏياري آهي. جيئن**

ارشاد فرمايائون: توهان مان جيڪو به نيڪ عمل لڪائڻ جي استطاعت رکندو هجي ته ان کي گهرجي ته اهو ائين ئي ڪري (يعني پنهنجي نيڪ عملن کي لڪائي). (جامع صغير، ص ۵۱۲،حديث: ۸۴۰۵)(رساله نيکياں چھپاؤ،ص۱۲)

رحمت واري نبي، محمدِ عربي، صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اهو ذڪر جنهن

ڪي محافظ ملائڪ بہ نہ ٻڌي سگھن، ان ذڪر تي جنھن کي اھي ٻڌي سگھن، 70 درجا وڌيڪ فضيلت رکي ٿو. (کنز العمال،کتاب الاذکار،باب الاول فی الذکر وفضیلتہ، ۲۲۷/۱، جز:۱،حدیث:۱۹۲۵ ۔رسالہ نیکیاں چھپاؤ،ص۱۲)

ڪاش! اسان پنھنجا نفل روزا، نفل نماز، نفل حج ۽ عمرو، صدقو ۽ خيرات، ديني خدمتون ماڻھن کي ٻڌائڻ کان بچون. تھجد، اشراق ۽ چاشت ۽ اوابين وغيره نفلن کي جيترو ٿي سگھي ماڻھن کان لڪايون. نفلي نمازون لڪي ڪري پڙھڻ جي عادت بڻايون. اچو مان توھان کي فضيلت ٻڌايان ٿو، جيئن

## جھنم کان آزادي جو سبب

اميراھلسنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فيضانِ نماز جي صفحي79 تي لکن ٿا: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو تنھائي ۾ بہ رڪعتون نماز پڙھي ھن طرح جو اللّٰہ پاڪ ۽ ان جي ملائڪن کانسواءِ ڪوبہ نہ ڏسي ان جي لاءِ جھنم کان آزادي لکي ويندي آھي. (کنزالعمال، کتاب الصلاۃ،باب الاول فی فضل الصلوۃ ، ۴ / ۱۲۵، جز:۷، حدیث: ۱۹۰۱۵)

وڌيڪ 4 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌو ۽ سمجھو. جيئن تہ

(1) فرمايائون: انسان جو اھڙي جڳھ نفل پڙھڻ جتي ماڻھو ان کي نہ ڏسندا ھجن، ماڻھن جي سامھون ادا ڪيون ويندڙ 25 نمازن جي برابر آھي. (کنزالعمال،کتاب الاخلاق،باب الاخلاص ،۱۲/۲،جز:۳، حدیث:۵۲۶۳)

(2) فرمايائون: پوشيده (يعني لڪائي ڏنو ويندڙ) صدقو رب تعاليٰ جي غضب کي ٿڌو ڪندو آھي. (معجم کبیر، ۲۶۱/۸،حدیث:۸۰۱۴)

(3) فرمايائون: پوشيده (يعني لڪي ڪيو ويندڙ) عمل اعلانيہ عمل کان 70 ڀيرا افضل آھي. (فردوس الاخبار،۱۲۹/۳حدیث:۴۳۴۸)

(4) فرمايائون: پوشيده (يعني لڪي ڪيو ويندڙ) عمل اعلانيہ عمل کان افضل

آهي. ( فردوس الاخبار،۲/۳۴۷،حديث:۳۵۷۲)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** يا رکو! نيڪيون لڪائڻ جو مقصد نيڪيون ضايع ٿيڻ کان بچائڻ آهي، ڇوته نفس و شيطان انسان جا کليا دشمن آهن. نفس و شيطان انسان کي نيڪيون ڪرڻ کان روڪيندا آهن ۽ جيڪڏهن انسان همت ڪري نيڪي ڪري به وٺي ته نفس و شيطان انسان جي دل ۾ نيڪين جي اظهار جي خواهش پيدا ڪندا آهن ته جيئن ٻانهو پنهنجا نيڪ اعمال ٻڌائي پنهنجون نمازون، تلاوت، ذڪر و اذڪار، صدقو ۽ خيرات وغيره وغيره ٻڌائي پنهنجي تعريف ڪرائي ۽ تڪبر جي ڪڏ ۾ وڃي ڪري ته جيئن ٻانهو حب جاه(يعني پنهنجي عزت کي پسند ڪرڻ) جي مرض ۾ مبتلا ٿئي ته جيئن ٻانهو رياڪاري جي تباهڪاري ۾ برباد ٿئي وڃي.

**اي عاشقانِ رسول!** اسان کي اهو گهرجي ته پنهنجي ڪنهن به نيڪ عمل کي جيترو ٿئي سگهي لڪايون، بنا ضرورت ڪنهن کي نه ٻڌايون. ڇوته نيڪين جو اظهار ڪرڻ سان انسان جي نيڪين ۾ ڪمي ٿئي سگهي ٿئي، نيڪين جو اظهار ڪرڻ سان انسان جون نيڪيون برباد ٿئي سگهن ٿيون ۽ نيڪين جو اظهار ڪرڻ سان انسان گناهگار به ٿئي سگهي ٿو. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، نيڪي ڪري ان کي لڪائڻ مشڪل آهي ناممڪن ناهي. نيڪي ڪرڻ ۾ مشقت ٿيندي آهي پر نيڪي لڪائڻ جي مشقت، نيڪي ڪرڻ جي مشقت کان به وڌيڪ آهي. جيئن

معلمِ انسانيت، نبي رحمت، شفيع امت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمارشاد فرمايو: بيشڪ عمل ڪري ان کي رياڪاري کان بچائڻ عمل ڪرڻ کان وڌيڪ مشڪل آهي ۽ انسان ڪو عمل ڪندو آهي ته ان جي لاءِ اهڙو نيڪ عمل لکيو ويندو آهي جيڪو تنهائي ۾ ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي لاءِ ستر (70) ڀيرا ثواب وڌايو

ويندو آهي، پوءِ شيطان ٻانهي کي اياريندو رهندو آهي ايسيتائين جو اهو هن عمل کي ماڻهن جي سامهون ظاهر ڪري ڇڏيندو آهي تہ هاڻي ان لاءِ اهو عمل پوشيده جي بدران اعلانيہ لکيو ويندو آهي ۽ ثواب ۾ ستر (70) ڀيرا اضافو مٽايو ويندو آهي. شيطان وري انسان کي اياريندو رهندو آهي ايسيتائين جو اهو ٻيو ڀيرو ماڻهن جي سامهون ان عمل جو ذڪر ڪندو آهي ۽ چاهيندو آهي تہ ماڻهو بہ هن جو تذڪرو ڪن ۽ ان عمل تي اُن جي تعريف ڪئي وڃي پوءِ ان کي اعلانيہ مان مٽائي رياڪاري ۾ لکيو ويندو آهي پوءِ ٻانهو اللّٰه پاڪ کان ڊڄي، پنهنجي دين جي حفاظت ڪري ۽ بيشڪ رياڪاري شركِ اصغر آهي. (نيڪيان چهپاؤ،ص22)

بنا دے مجھ کو اِلٰہی خلوص کا پیکر قریب آئے نہ میرے کبھی رِیا یا ربّ
(وسائلِ بخشش مرمم، ص٧٨)

حضرت علامہ عبدالغني نابلسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ريا ۽ اخلاص مان هرهڪ ۾ شيطاني چالون ۽ ڌوڪي بازيون آهن تہ توکي هوشيار رهڻ لازم آهي. پوءِ! جيڪڏهن توکي خبر نہ پئي تہ تون مخلص آهين يا رياڪار تہ پوءِ توکي پنهنجا نيڪ عملَ لڪائڻ ئي بهتر آهي جو هن ۾ تنهنجي لاءِ ڪنهن قسم جو نقصان ناهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! رياڪاري جي آفت کان نجات ماڻڻ ۽ نيڪيون لڪائڻ جو ذهن بنائڻ لاءِ حضرت داؤد طائي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت جو ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

**چاليهہ سال نفل روزا رکيا پر......**

حضرت داؤد طائي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه مسلسل چاليھ (40) سال تائين روزا رکندا رهيا پر پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جي اخلاص جو اهو عالم هو جو پنهنجي گهر وارن کي بہ خبر نہ پوڻ ڏني. اهو هن طرح جو کم تي ويندي منجهند جو کاڌو ساڻ کڻي ويندا هئا ۽ رستي ۾ ڪنهن کي ڏئي ڇڏيندا ها، مغرب کانپوءِ گهر اچي کاڌو کائيندا هئا. (تاريخ بغداد ، داود بن نصير ،۳۴۶/۸)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي نيڪ عملن، روزن ۽ صدقو ۽ خيرات کي پوشيده رکڻ جي متعلق حضرت عيسيٰ روح الله عَلَيْهِ السَّلَام جو ارشاد آهي: جڏهن توهان مان ڪنهن هڪ کي روزو هجي تہ اهو پنهنجي مٿي ۽ ڏاڙهي ۾ تيل لڳائي ۽ چپن تي بہ هٿ ڦيري تہ جيئن ماڻهن کي معلوم نہ ٿئي تہ اهو روزيدار آهي ۽ جڏهن ساڄي هٿان ڏئي تہ کاٻي هٿ کي خبر نہ پوي ۽ جڏهن نماز پڙهي تہ پنهنجي دروازي تي پردو وجهي ڇڏي. (احياءَ العلوم،كتاب ذم الجاه والرياء ،الشطر الثانى...الخ ، بيان ذم الرياء ،۳۶۱/۳)

مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو  کر اِخلاص ایسا عطا یا الٰہی
رِیا کاریوں سے سیاہ کاریوں سے  بچا یا الٰہی بچا یا الٰہی

**اي عاشقانِ رسول!** ڏٺو اوهان تہ نيڪين کي جيڪو لڪائي سگهندو هجي، ان کي لڪائڻ گهرجي چوتہ پُوشيده عمل افضل آهي. پوشيده عمل، اعلانيہ عمل کان ستر ڀيرا وڌيڪ فضيلت رکندو آهي. تنهائي ۾ لڪي نفل پڙهڻ ماڻهن جي سامهون پڙهڻ کان افضل آهي. تنهائي ۾ لڪي ڪري 2 رڪعت نفل پڙهڻ واري جي لاءِ جهنم کان آزادي لکي ويندي آهي. پوشيده عمل الله پاڪ جي غضب کي ٺڏو ڪندو آهي، پوشيده عمل تڪبر کان بچائيندو آهي، پوشيده عمل حب جاه(يعني پنهنجي عزت پسند ڪرڻ) کان بچائيندو آهي، پوشيده عمل رياڪاري جي تباڪاري کان بچائيندو آهي، پوشيده عمل گناهن جي بخشش ۽

فرشتن جي حفاظت حاصل ڪرڻ جو سبب بڻجندو آهي. جيئن

## اڪيلائي ۾ عبادت جي فضيلت

تابعي بزرگ حضرت ڪعبُ الأحبار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن هڪ رات به الله ڪريم جي اهڙي عبادت ڪئي جو ان ڪي ڪو سڃاڻڻ وارو نہ ڏسي تہ اهو گناهن کان ائين نڪري ويو جيئن پنهنجي رات کان (ڏينهن جي طرف) نڪري ويندو آهي. (حلية الاولياء،كعب الاحبار،۴۲۰/۵، رقم:۷۵۹۰)

## عملن کي لڪائڻ جي فضيلت

وڌيڪ فرمائن ٿا: جنهن کي اهو پسند هجي تہ ملائڪن جي هڪ وڏي جماعت ان جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪري، ان جي حفاظت ڪري ۽ غمن کان بي نياز ٿي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ جيترو ٿي سگهي گهر ۾ لڪي نماز پڙهي. انهن جي لاءِ خوشخبري آهي جيڪي پنهنجي گهرن کي سجدي جي جاءِ بڻائن ٿا. وڌيڪ فرمائن ٿا: مسجدون زمين تي پرهيزگار ماڻهن جون رهائش گاهون آهن ۽ الله ڪريم پنهنجن ملائڪن جي اڳيان انهن ماڻهن تي فخر فرمائيندو آهي جيڪي پنهنجي نمازن، روزن ۽ خيرات کي پوشيده رکن ٿا.
(حلية الاولياء،كعب الاحبار،۴۲۱/۵، رقم:۷۵۹۵)

صدقو ۽ خيرات پوشيده طور ڏيڻ وارن جي تعريف قرآنِ ڪريم ۾ ڪئي وئي آهي. جيئن سيپاري 3 سورة البقره جي آيت نمبر 271 ۾ خداءِ ڪريم جو فرمانِ عاليشان آهي:

اِنْ تُبْدُوا الصَّدَقٰتِ فَنِعِمَّا هِيَ ۚ وَاِنْ تُخْفُوْهَا وَ تُؤْتُوْهَا الْفُقَرَآءَ

فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ وَيُكَفِّرُ عَنْكُمْ مِّنْ سَيِّاٰتِكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۷۱﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪڏهن توهان خيرات ظاهر ڪري ڏيو تہ ڪهڙي نہ چڱي ڳالھ آهي، ۽ جيڪڏهن لڪائي فقيرن کي ڏيو تہ اهو توهان جي واسطي سڀ

ڪان پلو آهي ۽ ان ۾ توهان جا ڪجهه گناهه گهٽ ٿيندا ۽ الله ڪي توهان جي ڪمن جي خبر آهي.

## نيڪين کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪيئن؟

اي عاشقانِ رسول! رياڪاري وغيره جي تباهڪاري کان بچڻ لاءِ نيڪين کي لڪائي رکڻ ضروري آهي پر نيڪين کي لڪائڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ جي هرگز اجازت ناهي. مثلاً حج، نفل روزو، نفل نماز، حفظِ قرآن، عالم هئڻ، يا سيد هئڻ جي متعلق ڪو پڇي ته ڪوڙ ڳالهائڻ جي هرگز اجازت ناهي.

## نيڪين جي اظهار جون جائز صورتون

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين کي جيترو ٿي سگهي لڪائي رکڻ ئي ۾ عافيت آهي پر ڪجهه صورتن ۾ سٺي نيت سان ان جي اظهار جي به اجازت آهي، مثلاً اهڙو شخص جيڪو ماڻهن جو پيشوا هجي، ماڻهو ان سان عقيدت ۽ محبت رکندا هجن ۽ نيڪ اعمال ۾ ان جي پيروي ڪندا هجن ته اهڙي شخص جو ماڻهن جي ترغيب جي نيت سان پنهنجي عمل کي ظاهر ڪرڻ نه صرف جائز آهي بلڪ افضل آهي.

حضرت عبدالله ابن عُمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: پوشيده عبادت اعلانيه عبادت کان افضل آهي ۽ جنهن جي ماڻهو پيروي ڪندا هجن ان جي اعلانيه عبادت پوشيده عبادت کان افضل آهي. (شعبُ الايمان ،باب فی السرور بالحسنة والاغتمام بالسيئة ،۵/۷۶ ،۳ حديث:۷۰۱۲) پنهنجي ذات کان تهمت دور ڪرڻ ۽ ماڻهن کي بدگماني کان بچائڻ لاءِ به پنهنجي عمل کي ظاهر ڪرڻ جي اجازت آهي. جيئن تفسيرِ روح البيان ۾ آهي ته جيڪڏهن نيڪ عمل فرائض مان هجن ته فرائض جي حق مان اهو آهي ته ان جو اعلان ۽

تشهير ڪئي وڃي. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجو فرمانِ عظيم آهي: الله پاڪ جي فرضن ڪي لڪائڻ نہ گهرجي. (النهايه ، باب الغين مع الميم،۳۴۸/۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! انسان کي گهرجي تہ ان جي اندر جيڪا بہ خوبي هجي يا ان کي کو بہ نيڪ عمل ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿئي تہ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري جو ان اها خوبي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آهي. پوءِ عمل ڪري وٺڻ کان بعد خوف جي ڪيفيت طاري هئڻ گهرجي جو خبر ناهي ان جو اهو عمل بارگاهِ اِلاهي ۾ مقبول بہ آهي يا نہ؟ جڏهن عمل جي قبوليت جو علم ئي ناهي تہ ان عمل جي باري ۾ ماڻهن کي ٻڌائڻ ۽ ڏسڻ جو ڇا فائيدو؟ ها! جيڪڏهن اهو نيڪ عمل بارگاهِ الاهي ۾ مقبول آهي تہ ان جي جزا ڏيڻ وارو پالڻهار ان کي خوب ڄاڻي ٿو تنهنڪري پنهنجي واتان پنهنجي خوبين ۽ نيڪين جو اظهار ڪري پنهنجي ڄاڻين کي سترو نہ ٻڌايو وڃي. ڇوتہ قرآنِ ڪريم ۾ ان جي ممانعت بيان ڪئي وئي آهي. سيپاري 27 سورة النجم جي آيت نمبر 32 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى۠ (۳۲)

ترجمو: پوءِ توهان پنهنجي پاڻ واکاڻ نہ ڪيو اهو خوب ڄاڻي ٿو جيڪي پرهيزگار آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪيون ظاهر ڪرڻ جا نقصان

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيتِ ڪريمہ ۾ الله پاڪ پنهنجي نيڪين کي

فخريه طور بيان ڪرڻ کان منع ڪيو آهي، جيڪي پنهنجون نيڪيون ظاهر ڪندا آهن اهي (1) تڪبر ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا. (2) جيڪي پنهنجون نيڪيون ظاهر ڪن ٿا، اهي حب جاهه جي آفت ۾ گرفتار ٿي سگهن ٿا. (3) جيڪي پنهنجون نيڪيون ظاهر ڪن ٿا اهي خودپسندي جي نحوست ۾ پئجي سگهن ٿا. (4) نيڪيون ظاهر ڪرڻ سان نيڪيون لڪائڻ جي ثواب کان محرومي ٿي سگهي ٿي. پڻ (5) جيڪي پنهنجون نيڪيون ظاهر ڪن ٿا اهي رياڪاري جي تباهه ڪاري ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا.

## رياڪاريءَ جون تباهه ڪاريون

ياد رکو! (1) رياڪاري ڪبيره گناهه، حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. (2) رياڪاري الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي ناراضگيءَ جو سبب آهي. (3) رياڪاري سان اعمال برباد ٿي ويندا آهن. (4) رياڪارن کي قيامت جي ڏينهن حسرت ٿيندي. (5) رياڪاري وارو عمل الله پاڪ جي بارگاهه ۾ قبول ناهي ٿيندو. (6) رياڪار کي رسوائي جو عذاب ڏنو ويندو. (7) رياڪار تي جنت حرام آهي. (8) رياڪار جنت جي خوشبو کان محروم رهندو. (9) رياڪار تي لعنت ڪئي وئي آهي. (10) رياڪار جو آخرت ۾ ڪو حصو ناهي. الله پاڪ اسان کي رياڪاري جي آفت کان محفوظ فرمائي.

رِیا کاریوں سے سیاہ کاریوں سے بچا یا الٰہی بچا یا الٰہی
(آدابِ طعام، ص۲۲۸)

## گناهن کي به لڪايو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** نيڪين کي لڪائڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي، جڏهن ته گناهن کي لڪائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. نيڪين کي ته انڪري لڪايو ويندو آهي ته جيئن اهي تڪبر ۽ رياڪاري وغيره جي سبب ضايع نه

تي وجن جڏهن تہ گناهن کي انکري لڪايو ويندو آهي جو اهي پهريان ئي ڪان الله پاڪ جي ناراضگي جو سبب هوندا آهن ۽ انهن کي ظاهر ڪرڻ جرئت ۽ دليري آهي تنهنڪري ان جو اظهار هرگز نہ ڪيو وڃي. فتاويٰ شامي ۾ آهي: اِظْهَارُ الْمَعْصِيَةِ مَعْصِيَةٌ يعني گناه جو اظهار بہ گناه آهي. (رد المحتار ،كتاب الصلاة ،مطلب اذا اَسلم المرتد ،۲/۶۵۰) رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: منهنجي هر امتي کي معاف ڪيو ويندو سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي گناهن کي ظاهر ڪن تا ۽ گناه ظاهر ڪرڻ جي اها صورت آهي تہ ڪوئي مرد رات جو ڪو(گناه جو) ڪم ڪري، پوءِ صبح ٿئي تہ الله پاڪ ان جو پردو رکيو هجي، پوءِ اهو ڪنهن کي ٻڌائي تہ اي فلاڻا! مون گذريل رات هن هن طرح ڪيو آهي حالانڪ ان هن حال ۾ رات گذاري هئي جو ان جي ربّ ڪريم ان جو پردو رکيو هو ۽ صبح جو اهو الله پاڪ جي رکيل پردي کي کولي ڇڏي.

(بخاری،کتاب الادب ، باب ستر المؤمن علی نفسه ،۴/۱۱۸،حدیث:۶۰۶۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "علاقائي دورو"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هر نيڪ ڪم ۾ اخلاص جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ ۽ پنهنجي عبادتن کي لڪائڻ جو مدني ذهن بنائڻ جي لاءِ اڄ ئي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. 12 مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم **علاقائي دورو** بہ آهي، هن مدني ڪم جا بيشمار فائدا آهن، مثال طور **"علاقائي دوري"** جي برڪت سان مسجد آباد رهندي آهي، **"علاقائي دوري"** جي برڪت سان علائقي ۾ خوب مدني ڪم وڌندو آهي،

تنهنڪري اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿئي مدني ڪمن ۾ خوب اڳتي وڌي حصو وٺو. اچو! ترغيب لاءِ **”علاقائي دوري“** جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جا ڪجھ طريقا

(1) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ سچي دل سان بارگاھ الٰهي ۾ ٻاڏائي دعا گھرو، چوتہ دعا جي برڪت سان بگڙيل ڪم سنورجي ويندا آهن. (2) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ نيڪيون لڪائڻ جي فضيلتن جو مطالعو ڪريو. (3) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي سيرت جي اخلاص سان ڀرپور ايمان افروز واقعن کي هر هر پڙهو. (4) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ اخلاص سان عمل ڪرڻ وارن کي ملندڙ نعمتن کي تصور ۾ آڻيو. (5) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ رياڪاري جي تباھ ڪارين کي هر هر پڙهو. (6) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ مدني چينل تي نشر (Telecast) ٿيندڙ مختلف پروگرام ڏسڻ يا ٻڌڻ جي عادت ٺاهيو. (7) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ پابندي سان شرڪت ڪريو. (8) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽن ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪريو. (9) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات جو رسالو ڀري هر اسلامي مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذمہ دار کي جمع ڪرائڻ جو معمول ٺاهيو. (10) نيڪيون لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪريو.

”**نيڪيان ڇپاؤ**“ مڪتبة المدينه جو هڪ نهايت ئي پيارو رسالو آهي جنهن ۾ نيڪيون لڪائڻ جي باري ۾ آياتِ ڪريمہ، احاديثِ مبارڪہ، الله ڪريم جي

نيڪ ٻانهن جا واقعا، اصلاح جو بهترين طريقو، نيڪين جي اظهار جون جائز صورتون، مخلص هئڻ جون علامتون ڪهڙيون آهن؟ ۽ تمام گهڻي معلومات لکيل آهي.

خوب مخلص بنوں، میں ریا سے بچوں
ہو نگاہِ کرم، تاجدارِ حرم

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۲۴۹)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيانات ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي صحبت جو هڪ بهترين ذريعو عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ به آهي. الله ڪريم امتِ محمديه کي هردور ۾ اهڙيون باڪمال هستيون عطا فرمايون جن نه صرف پاڻ نيڪي جو حڪم ۽ برائي کان منع ڪرڻ جو مقدس فريضو احسن انداز ۾ ادا ڪيو بلڪ مسلمانن کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جو ذهن ڏنو. انهن مان هڪ هستي شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه به آهن، ڪين جي اخلاص جي بدولت وڏي تيزي سان ماڻهو هن مدني تحريڪ جو حصو بڻجندا پيا وڃن. اَلْحَمْدُ لِله ڪروڙن جي تعداد ۾ ماڻهو اميراهلسنت جي فيضان سان فيضاب ٿئي رهيا آهن. اميراهلسنت جي نيڪي جي دعوت جي انهيءَ مقدس جذبي جي تحت دعوتِ اسلامي جي مجلسِ "آئي ٽي" موبائل استعمال ڪرڻ وارن لاءِ مختلف موبائل ايپليڪيشن ٺايون آهن جن ۾ مختلف طريقن سان امتِ مسلمه جي رهنمائي ڪئي وئي آهي، هن ايپليڪيشنز ۾ بيانات جي هڪ ايپليڪيشن"Islamic Speeches" به آهي. هن ايپليڪيشن ۾ مختلف موضاعات تي بيانات موجود آهن. هن ايپليڪيشن مان اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ اسلامي ڀينرون به فائدو وٺي سگهن ٿيون. خاص طور تي هي

ايپليڪيشن امام ۽ خطيب حضرات لاءِ انمول تحفو آهي، جوته هن ۾ مختلف موضوعات تي تيار ٿيل بيانات تحريري صورت ۾ موجود آهن. اڄ ئي هن ايپليڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پنهنجي موبائل جي زينت بڻايو.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

## بيان جو خلاصو

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بيان ۾ اسان نيڪين لڪائڻ جي باري ۾ فضائل ۽ برڪات، آياتِ قرآني، احاديثِ مبارڪ ۽ بزرگانِ دين جي واقعن سان گڏوگڏ تنهائي ۾ عبادت ڪرڻ جا فضائل، تلاوتِ قرآن جا آداب، رياڪاري جون تباهڪاريون ۽ پنهنجي عملن کي لڪائڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ جا طريقا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. الله پاڪ اسان کي گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون لڪائڻ جو جذبو عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

(غیبت کی تباہ کاریاں،ص۴۹۱)

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

## سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ◈ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح چنڊيو تہ جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيء وغيره هجي تہ نڪري وڃي ◈ سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا **ترجمو: اي الله!** مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ◈ **عصر کان پوءِ نہ سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. فرمان مصطفي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو تہ پاڻ کي ملامت ڪري.“ (مسند ابي يعلي ج 4 ص 278 حديث 4897) ◈ منجهند جو قيلولو (ڪجھ دير ليٽڻ) مستحب آهي. (فتاوىٰ هندية،٥/٣٧٦) ◈ صدرُالشَّريعہ، بدرُالطريقہ حضرت علامہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غالباً هي انهن ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي جيڪي رات جو جاڳندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن، ذِڪر الٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙهڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن تہ جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوٽ ٿي سا قيلولي سان ختم ٿي وڃي. (بهارشريعت ج 3 ص 435) ◈ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروهہ آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) ◈ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي تہ پاڪائي سان سمهي ۽ ◈ ڪجھ دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سمهي. (ايضا) ◈ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري تہ اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير بہ گڏ نہ هوندو ◈ سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، سُبْحٰنَ اللهِ ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي

پوي انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. (ايضا) ◈ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰه الَّذِیَ اَحْیانَا بَعْدَ مَآ اَمَا تَنَا وَاِلَیه النُّشُوْرُ. (بخاري،۱۹۶/۴،حديث: ۶۳۲۵) **ترجمو:** سڀ تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ◈ انهي وقت پڪو ارادو ڪري تہ پرهيز گاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي بہ نہ ستائيندو. (فتاويٰ هندية،۵/۳۷۶)، ◈ جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪرِيءَ جي ڄمار ڏهہ سال ٿئي تہ انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نہ سمهي. (درمختار و رد المحتار ج 9 ص 629)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں** اور **آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار
سُنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار
(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص۶۳۵)

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه! ايندڙ هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو: "**ايمان جي سلامتي**" جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين تہ قرآن و حديث ۾ ايمان تي ثابت قدم رهڻ جي ڪيتري قدر تاڪيد بيان ڪئي وئي آهي، هڪ مسلمان

ڪي ايمان جي سلامتي جي لاءِ ڪيتري قدر فڪر مند رهڻ جي ضرورت آهي، اسان جا بزرگ سڳورا ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪيترو فڪر مند رهندا هئا، آخرت ۾ نجات جي لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪيون وڃن ان ڪان علاوه ڪجھ اهڙا معاملا بہ بيان ڪيا ويندا جيڪي ايمان جي لاءِ نقصان ده آهن. لهٰذا! **آئنده جمعرات بہ** اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين ڪي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: ! اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡھما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

### ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305